*This Question Paper contains 15 printed pages.*

Seat No.: | | | | | | | |

Sl. No. : **100944**

# 005(S/A)

(March, 2019)

***Time : 3 Hours]*** ***[Maximum Marks : 100***

---

سوچنائيون:ـ

(1) هي سوالي پيپر پنجن وڀاڱن ۾ ورهايل آهي.

(2) سوال ۾ اندروني وڪلپ آهن.

(3) ڪاٻي پاسي وارا انگ مارڪون ڏيکارين ٿا.

(4) لکڻ جي قابليت ڀاشا شڌي ۽ لکڻيءَ جي اصليت کي

اڳرائي ڏني ويندي.

---

## وڀاڳ A نظم آذارت

■ هيٺين مقصد رکندڙ سوالن جا جواب جيئن پڇيل آهن تيئن لکو. [4]

(1) ڪهڙو هوڪو ٻڌي انڌا منڊا اُٿي ڀڄي ويا ؟

(2) ونود آسوداڻيءَ جي غزل ڪهڙي ڪتاب مان ڪنيل آهي ؟

(3) ليڪ لڳي رشتا ڪُنا سياست وڏو........ ؟

(4) ........... کي ٿي مبارڪ سهسين سکيون هجن پل.

■ هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو : [4]

(5) سامي صاحب مورک ڪنهن کي سڏيو آهي ؟

(6) وڻ سيني کي ڇو ٿا وڻن ؟

(7) شاعر ڇا جو عادي آهي ؟

(8) اِسڪول اڳيان شاعر جو سيس ڇو ٿو جهڪي ؟

(22) ماڻڪ لال کي فائيل ڏسندي ڪهڙو فوٽو مليو؟ هن اُهو فوٽو ڇو ڦاڙي ڇڏيو؟

■ هيٺين سوالن جا وستار سان جواب لکو: [8]

(23) "ديش جو آڌار آهن ڳوٺ. جيسين اُهي آسودا نہ ٿيا آهن تيسين ملڪ ترقي نہ ڪندو" ڏنل سٽ تي پنهنجا ويچار پيش ڪيو؟

(24) "پڪو پهہ" ڪتاب بابت ٿوڙي ۾ ڄاڻ ڏيو؟

يا

(24) "مُئا ماريا ڪهڙا- ڪهڙا نہ دڪان کولي ٿا ويهن" اِها سٽ ناٽڪ جي آڌار تي سمجهايو؟

## ورڀاڱ C وياڪرڻ ڪتاب آڌارت

■ هيٺين هم معني' وارن لفظن کي آمهون سامهون جوڙي لکو: (ڪي بہ چار) [2]

| | الف | ب |
|---|---|---|
| (25) | پرميشور | آسمان |
| (26) | مورک | اوگڻ |
| (27) | دوش | گناهہ |
| (28) | عيب | بيوقوف |
| (29) | نڀ | پرماتما |

■ هيٺين جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظ جي جاءِ تي ضد لکي، جملي جي معني' نہ بدلجي اُن نموني وري لکو: (ڪي بہ چار) [2]

(30) هيءُ ڪتاب مزيدار ٿوڻڪن وارو آهي.

(31) هڙو ايماندار مون ڪڏهن ڪون ڏٺو.

(32) رام ديش پريمي آهي.

(33) موهن جي شرت نئين آهي.

(34) آسمان جا تارا ڳڻڻ مشڪل ڪم آهي.

■ هيٺين لفظن جي ميڙ لاءِ هڪ لفظ لکو: (ڪي به چار) [2]

(35) جتي چار رستا اچي گڏجن.

(36) اکين جي مٿان وارا وار.

(37) جيڪو ديش سان دوھ ڪري.

(38) جنهنجو ڀڳوان ۾ وشواس نہ هجي.

(39) گهوڙي جي ديک ڀال ڪندڙ.

■ هيٺين گامتو لفظن جا سنسڪاري ڀاشا جا لفظ لکو. [1]

(40) ٽيشن

(41) فوسٽي

■ هيٺيان غلط لفظ سُڌاري درست نموني لکو: [1]

(42) لائڪ

(43) ارش

يا

(43) گريب

■ هيٺين سوالن جا جواب ڏنگين ۾ ڏنل سوچنائن موجب ڪريو: (ڪي به ڇهہ) [3]

(44) گوپال بهادر هو (صفت ڳولهي لکو)

(45) سيتا ........ درجي جي شاگرد آهي. (خال ۾ نهڪندڙ صفت لکو)

(46) رميش آهستي ٿي ڳالهائيندو آهي. (جملي مان نپات ڳولهي لکو)

(47) ڪمل کي نند ...... ڏاڍي آهي. (خال ۾ نپات لکو)

(48) بس هلندو اچان ٿو. (جملي مان ڪردنت ڳولهي لکو)

(49) هر ڪنهن کي مرڻو آهي. (ڪردنت جو قسم)

(50) اُستاد شاگرد کي...... گهرويو. (خال ۾ ٺهڪندڙ ڪردنت لکو)

■ هيٺين اصطلاحن جي معني' ڏيئي جملن ۾ ڪم آڻيو: [2]

(51) پاڻ پتوڙڻ

(52) متو هڻڻ

يا

(52) ساک پرڻ

■ هيٺين جملن ۾ ڏنگين ۾ ڏنل سوچنا موجب لکو: [3]

(53) شل صدا سکي رهين (ڀاشا سڌاري لکو)

(54) مونکي عام ڪائڻ پسند آهي. (ڀاشا صحيح ڪريو)

(55) ٺڪيو مان هوس پنڌ ڪيو جڏهن گهٽو تہ (لفظن جو سلسلو ٺاهي لکو)

يا

(55) ٺڪجي پيو جو هو ڊوڙيو ايترو (جملو سڌاري لکو)

■ هيٺين مرڪب جملن کي مفرد ۾ لکو: (ڪي بہ ٻہ) [2]

(56) محنت ڪرنہ تہ ناپاس ٿيندين.

(57) هن روٽي کاڌي ۽ سمهي پيو.

(58) هو نہ فقط ڪوي آهي پر ڊاڪٽر پڻ آهي.

■ هيٺين مفرد جملن کي مرڪب ۾ بدلايو: (ڪي بہ ٻہ) [2]

(59) هو شاهوڪار هوندي بہ دکي آهي.

(60) ٻوڏ پوڻ سبب فصل ناس ٿي ويو.

(61) دوا وٺڻ سان هن کي هڪدم آرام آيو.

## وڀاڱ E لکڻ جي قابليت

(74) توهانجي پاڙي ۾ پوري صفائي ڪانہ ٿي ٿئي اُن لاءِ پنهنجي شهر جي هيلٿ آفيسر کي اٽڪل 100 لفظن ۾ درخواست ڪريو. [5]

■ هيٺ ڏنل چوڻين مان ڪنهن بہ هڪ چوڻيءَ جو مطلب سمجهائي اُپٽار ڪريو : [5]

(75) پير عيسي' پير موسي' سڀسي ٻڙا پير پئسا.

يا

(75) ٻ نہ ٻارهان.

يا

(75) توهانجي اِسڪول ۾ اُستاد ڏينهن ملهايو ويو. اُن پرسنگ جو احوال اٽڪل 100 لفظن ۾ لکو.

■ ڪنهن بہ هڪ وشيہ تي اٽڪل 250 لفظن ۾ مضمون لکو: [10]

(76) سوالي پيپر جي آتم ڪٿا.

يا

(76) وڻ بچايو جيون بچايو

يا

(76) مهانگائي.

◆◆◆